Good but attempt in details please

12/80

## سوال ۲: Q

## جواب :

### ۱. تعارف :

سنڌ ڌرتي جي ڪک مان اهڙا
نه عظيم شاعرن، اديبن ۽ مفڪرن جنم ورتو آهي
جن آڪاش جي بلندين کي ڇهيو آهي.
سنڌ ڪڏهن نه ڪڏهن ڌيهه ۾ پر پرڏيهه ۾ به پيا
ڇانئجن. انهن عظيم انسانن مان سنڌي شاعري
جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو نالو
سرفهرست آهي. سندس افاديت هر دور ۾
برقرار رهي آهي. پاڻ ۱۶۸۹ع ۾ ڄائو ۽ ۱۷۵۲ع
۾ پنهنجي حقيقي محبوب سان وڃي مليو.
هي اڄ شاعر سڀ سڀاڻي جو ڪوڏيو هو. سنڌ
کان ٻاهر به ڪيترو ئي گهميو پر روحانيت جي
ونتار وهندي اڄي ٻيٽ وسائيٽن. هن جي شاعري
هر لحاظ کان گهڻ موضوعي هئي ۽ سندس لفظ
وچون ئي ڪري بڻندڙ ئي ڪرندڙ آهن ۽
سنڌ روح ۽ روحانيت کي ڇائي ته بيو جنم
ڏيو ڇڏين. شاهه جي چاهيندڙن سندس
شاعري جو مجموعو "شاهه جي رسالي" جي
صورت ۾ محفوظ ڪري رکيو آهي جيڪو هر
ايندڙ نسل کي ڀٽائي جي بيتن جي سوکڻ کان
واقف ڪري ٿو.

## شاهه صاحب جي شخصيت ۽ شاعري جي عالمي حيثيت: ۰٢

علامه آءِ آءِ قاضي جي تحقيق "ڪارلائل جي ڪسوٽي" ۾ شاهه صاحب بابت هڪ تحقيقي مقالو لکيل آهي. پاڻ چون ٿا ته:

"ڪارلائل جي ٻڌايل اصولن مطابق ڀٽائي سرڪار دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي."

ڪارلائل جا مقرر ڪيل معيار اڄ ڏينهن تائين رد نه ڪيا ويا آهن. انهن جا معيار جن تي ڀٽائي سائين جي شاعري پوري لهي ٿي، هيٺيان آهن:

(i) شعر اهو آهي جيڪو ڳائي سگهجي.

(ii) جيڪڏهن ڪنهن شاعر جي شعر جي ڪا مصرع يا لفظ بدلائي ڇڏجي ته ان جو روح ختم ٿي وڃي.

(iii) زبان جي استعمال جي ذريعي شاعر پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري.

شاهه صاحب جو ڪلام انهن ٽنهي معيارن تي بلڪل پورو آهي. سندس ڪلام گهري مشاهدي ۽ ذاتي تجربي تي ٻڌل آهي. ۽ اهو سندس منزل تي اچي به ڳائجي ٿو. سندس لفظن جي جوڙجڪ ايتري ته وسيع آهي جو ڪنهن به شاعر لاءِ ممڪن نه ٿيو جو ان سان مقابلو ڪن.

مثال:

سائينءَ سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

بيت جي مصرع اولي ۾ ايندڙ لفظ سائينءَ جي معنيٰ ٿي "منهنجا سائين" ته مصرع جي معنيٰ ٿي منهنجا سائين سنڌ کي سڪار ڪر. پر جيڪڏهن اِن شعر ۾ ٿورڙي به صورت بدلجي ته معنيٰ ۾ زمين آسمان جو فرق ٿيو وڃي.

مثال:

سائين مَ سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

سائينءَ جي جڳهه تي سائين مَ لڳائڻ سان معنيٰ ٿي ته "يا الله سنڌ کي سڪار نه ڪر." مطلب ته ايتري ذري ۾ تبديلي معنيٰ بدليو ڇڏي.

فارلي مطابق "معياري شاعر هميشه شاعري ۾ شين کي نئين طريقي سان پيش ڪندو آهي" شاهه ڀٽائي ان وصف تي به پورو لهي ٿو.

ڪڙو منهنجو ڪُڙي جيئن لوهار ليئو
اڀين منهنجو جيءُ جڙي، سپرين سرڪيو

شاهه صاحب جي بيت. ليڪن عالمي شاعرن سان:

شاهه صاحب جي ڪلام

جي هڪ ثابتي هي آهي ته عالمگير
جنهن مقرر ڪيل ميارن تي دنيا جا
وڏا وڏا شاعر به پورا لٿا آهن. مثال طور
شيڪسپيئر، ملٽن، گوئٽي ۽ دانتي جهڙا
شهرت يافته شاعر به انهي ڪسوٽي مطابق
شعر نه چئي سگهيا آهن. انهي مقابلي
۾ شاهه سائين جي شاعري صدين کان
بيٺي ڪاڏي جي.

شيڪسپيئر ١٧٥٥ لفظ استعمال ڪيا ۽
جيسنائين شاهه عبداللطيف جي اصطلاحن
۽ جوڙين جو واسطو آهي ته شاهه انهن
کي ٻولي ۾ هڪ سهڻي طرح ڏني آهي
ٻيو ته انهن محاورن وغيره جو تعداد به
حيرت انگيز طور وڏيڪ آهي. دراصل محاورن
اصطلاحن جو ايترو وڏو ذخيرو شاهه جي
رسالي ۾ موجود آهي جو ٻئي ڪنهن به
سنڌي شاعر جي ڪلام ۾ ڪونهي.

## (٣) شاهه جي شاعري جي باري ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي مفڪرن جا رايا:

سنڌ جو لعل پنهنجي حياتي ۾
جنهن شهرت رکي سنڌ تائين محدود ڪونهي
پر ٻاهرين ملڪن جا اديب به سندس گهڻا
ڳائيندي مشڪن لڳا.

(i) ## ڊاڪٽر گربخشاڻي جي راءِ:

ڊاڪٽر صاحب شاهه جي شعر جي عظمت لاءِ هي دليل ڏنو آهي:

"سندس خيالي قوت جي پرواز هن آهي، نه جيئن جيئن شعر کي اونهو غور ڪندا سين، تيئن تيئن اسان ۾ نئين حيرت اپنن ٿيندي."

(ii) ## ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي جي راءِ:

"منهنجي خيال ۾ پاڪستان هڪ ئي عظيم شاعر پيدا ڪيو آهي ۽ اهو آهي لطيف."

ڊاڪٽر سورلي جهڙو لڙو نه شاهه جي شاعري بلڪل ثنائي آهي ۽ ڪيس بخوبي سمجهي سگهجي ٿو، جيڪڏهن ڪنهن کي يقين نه اچي ته هن کي رڳو شاهه جي روضي پٽ شاهه تي وڃڻو پوندو ۽ ڪيس ان ڳالهه جو يقين ٿي ويندو.

(iii) ## شاهه جي شاعري جي عظمت جو اقرار شاهه جي وڏن:

شاهه صاحب جي ڪلام جي عظمت جو اقرار نه رڳو پڙهندڙن ڪيو آهي پر خود شاهه صاحب پاڻ نه جهڙي لِنو ته.

"جي لُڙهه ٻيٺ پاتياڻ، سي ڏينهن آهن
ٻيو مون لاءِ مين، پرياڻ سندي پار ڏي."

## ٥ شاهه جي شاعري جا قسم:

شاهه صاحب جي شاعري کي موضوع ۽ معنيٰ جي حساب سان هيٺين ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

(i) نيم تاريخي داستان
(ii) صوفيانه نصيحت
(iii) مجازي شاعري ۽ فطرت نگاري

### (i) نيم تاريخي داستان:

شاهه صاحب پنهنجي شاعري کي مختلف سرن ۾ ورهايو آهي ۽ سنڌ جا نيم تاريخي داستان جهڙوڪ: "سسئي پنهون، عمر مارئي، ۽ سهڻي ميهار" وغيره کي پنهنجن بيتن ۾ بيانيو آهي. شاهه سائين انهن کي سڄي جو سڄو بيان نه ڪيو آهي پر صرف اُن، ٽُڪر مان پنهنجي مقصد وارا ٽڪر چونڊي انهن کي تمثيل طور ڪم آندو آهي.

اُن ويري، اوڙاڪ ويري، ويري ٽنهي ڏير
جوڙيون ويري واڳ ٿيو، جنهن لئه پنهون
جا پير

(ii) صوفياڻي نصيحت:

شاعر صاحب هن داستان ۾ بيان ڪري
سمان بيوس ان کي مشڪلون پيش ڏئي ٿو ته
پڙهندڙن کي صوفياڻي نصيحت ڪري سنئين راهه
ڏيکاري ٿو. جيئن صبر جي تلقين ڪري
چوي ٿو ته:

هو جيئڻ لکن ۾ جهڙو واتل ورائي.
اڳ اڳرائي ڪري جو خطا سو پائي
پاند ۾ پائي ولو، عيبي وارو عين کي.

(iii) مجازي شاعري ۽ فطرت نگاري:

شاعر سائين کي نوجواني ۾ مجازي
جي عشق ٿي هئي، جنهن هن کي ايترو
۽ بيقرار ڪري ڇڏيو. ان بي قراري کي
مٽائڻ ڏيڻ لاءِ ۽ پنهنجو پاڻ سنڀالڻ لاءِ
شاعر سائين سير سفر ڪيو. ان سير و سياحت
۾ قدرت جا ڪيئي منظر ڏٺائين ۽ پنهنجي
لفظن جي پيرن چڙهايائين

"جهڙي ٽل ڪٽان جا، نڪتا مٿن ويس
جوڳي بئل جيڏيا، ماها هو هميش
ريشم سوٽون سيد چوي، انهن اڻ لئيش
لالن جي لبس، ٽڪن آڪر نه اُڀجي."

"وڏا وڻ ورهار جا، جت جاڳ جهرجهر

ڪوسا تپن ڪڪر، ٻي ڏمر ٻتيءَ ڏڻ
وڇاري ڏٺي ور، پير نه لمين پرين جو"

## (٦) نتيجو:

سنڌ جو سرتاج شاھ عبداللطيف ڀٽائي شاعري جو بي تاج بادشاھ آھي. سندس شاعري دنيا جي بهترين شاعرين مان هڪ آهي. ڪارلائل جي ڪسوٽي مطابق شاھ جو شعر ڳائي به سگهجي ٿو ته انهن مان هڪ لفظ به ڪڍڻ سان معني بدلجي وڃي. شاھ پنهنجي شاعري ۾ روحانيت، مجازيت ۽ نصيحت جا اهڃاڻ ڏنا آهن. سندس شاعري کي سمجهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ڪونهي. شاھ جي شعر کي سمجهڻ لاءِ فلسفي جو فن کپي، مومن جو من کپي، عاشق جهڙي دل کپي ۽ صوفي جهڙي منزل کپي.